# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1984
# سنڌ قومي رضاڪار (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH QAUMI RAZAKARS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. مغربي پاڪستان آرڊيننس XVIII مجريه 1965 جي دفعه 7 جي ترميم.

Amendment of section 7 of West Pakistan Act XVIII OF 1965

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO. XII OF 1984

+

# سنڌ قومي رضاڪار (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH QAUMI RAZAKARS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ قومي رضاڪار آرڊيننس، 1965 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ قومي رضاڪار آرڊيننس، 1965 ۾ ترميم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

سنڌ قومي رضاڪار آرڊيننس، 1965 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تڪميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ قومي رضاڪار (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

مغربي پاڪستان آرڊيننس XVIIIمجريہ 1965 جي دفعہ 7 جي ترميم.
Amendment of

2. سنڌ قومي رضاڪار آرڊيننس، 1965 جي دفعہ 7 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ٿيندو.

section 7 of West Pakistan Act XVIII OF 1965

” ڪنهن ميمبر کي هٽائڻ جو آرڊر هن وقت تائين جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين لاڳاپيل ميمبر کي ٻڌڻ بنا ۽ سبب ظاهر ڪرڻ جو موقعو نہ ڏنو ويجي.“

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**